فاسئلوا اهل الذكران كنتم لا تعلمون

شيعه دينيات جو

پهريون ڪتاب

از قلم تاليف رقيم

مشتاق - علي آبادي

دفعه پهريون]   ١٩٥٣ع   [جلد هزار ١٠٠٠

قيمت اٺ آنه

نوٽ:- هن ڪتاب جو هر هڪ گهر ۾ هجڻ
تمام ضروري آهي.

سڀ حق ۽ واسطا قائم

هديه

آءُ هي ڪتاب هديه ڪريان ٿو حضرت
امام آخري زمان جن جي خدمت ۾ جو
سنڌ ن مذهب حقه جي حضرت [illegible] قدم
آءُ انهن ۾ سنڌن دعا [illegible]

جي خدمت
لاءِ قدم کڻط
لاءِ سنڌ ن
دعا سان
نصيب
ٿيندي.

حتي والمقد
عزم بالجزم
ڪيو آهي
انشاء الله
تعاليٰ
ڪاميابي
(آمين ثم
آمين)

مشتاق علي ”مشتاق“ علي آبادي
آنرري جنرل سيڪريٽري انجمن حسيني
علي آباد

مولف ڪتاب دينيات جو پهريون ڪتاب

۷۸۶

تقريظ

اما بعد

برادران ملت و شيعان صوبه سنده پر پوشيده نهين هے كه تمام صوبه مين كتب عبادات كا زبان سندهي مين فقدان هے جناب مكرم و محترم مسٹر مشتاق علي صاحب ساكن ٹنڈه علي آباد كندره جو ماشا الله مومن با عمل هين اور سنده مين علمي ذوق ركهنے والي بزرگ هين عرصه دراز سے ناچيز خادم قوم كي تحريك تهي كه بعض رسائل سندهي زبان مين علم فقه كے ترجمه كرين جن سے فروغ دين مين صحيح عملدر هوسكے اور سندهي قومي افراد بهرور هوسكين ممدوح نے تهيه فرمايا اور چند رسائل سندهي زبان مين تاليف كئے جن مين يه پهلا رسالہ قوم كي خدمت مين حاضر هے اگر مفيد ثابت هوا تو يه سلسلہ يكے بعد ديگرے منصئه ظهور پر آنا شروع هوجائيگا ناچيز نے اس كتاب كا لفظ لفظ ديكها هے بالكل صحيح هے اس پر عمل كرنا انشاء الله موجب رستگاري و برات ذمه هے .

مولانا مولوي خادم حسين شيعه مفتي
ریاست خيرپور ميرس

* عرض حال *

گهڻي عرصي کان ڏٺو ويو آهي تہ شيعہ مذهب جا ٻيا ڪتاب آهستي آهستي تيار ٿيندا پيا وڃن پر ننڍي هوندي کان ئي ٻارن کي پنهنجي مذهب جي تعليم ملندي رهي، جنهن مان واقف ٿي، هو آخر پڪا مذهبي ماڻهو ٿي پون. اهڙا ڪتاب اڃا تيار ڪونہ ٿيا آهن. انهيءَ ڪري ناچيز کي اول اهو ئي خيال پيدا ٿيو آهي تہ اهڙن ڪتابن جي تيار ڪرڻ جو سلسلو جاري رکجي جو هر گهر ۾ توڙي شيعہ مدرسن ۾ ٻارن کي پڙهايا وڃن. جنهن ڪري ننڍي هوندي کان ئي ديني اصولن مان واقف ٿين. تنهنڪري هي دينيات جو پهريون ڪتاب تيار ڪري مومنن جي خدمت ۾ مطالع لاءِ عرض آهي. جنهنمان پاڻ ۽ پنهن جي اولاد کي مستفيد فرمائي بندہ ناچيز کي دعائي خير سان ياد و شاد فرمائيندا رهندا.

خاڪسار مشتاق علي آبادي

أصول دين

دين جا أصول پنج آهن :-

١- **توحيد** يعني خدا هڪ آهي چاڪاڻ ته جيڪڏهن خدا گهڻا هجن ها ته جهان جي انتظام ۾ فساد پيدا ٿين ها- هڪ خدا هڪ ڳالهه چوي ها ٻيو خدا ٻي ڳالهه چوي ها- انڪري پاڻ ۾ تڪرار پيو ٿيندو رهي ها- جنهنڪري ڪابه چيز پيدا ٿي نه سگهي ها- پر ڪم انتظام سان هلندو رهي ٿو- تنهنڪري بيشڪ خدا هڪ آهي ٻيو ڪونهي.

٢- **عدل** يعني خدا پورو انصاف ڪندڙ آهي- ظالم نه آهي چاڪاڻ ته ظلم ڪرڻ خراب ڪم آهي خدا سڀ ڪنهن برائي کان پاڪ آهي.

٣- **نبوت** يعني خدا هڪ لک چوويهه هزار پيغمبر پيدا ڪيا- اول انهن ۾ حضرت آدم آهي ۽ آخر ۾ سڀ کان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن آهن. حضرت جن کان بعد نه ڪوئي پيغمبر پيدا ٿيو آهي ۽ نه پيدا ٿيندو.

٤- **امامت** يعني هر پيغمبر پنهنجي بعد ڪنهن کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو آهي اهڙي طرح اسان جي پيغمبر جناب محمد مصطفيٰ صلي الله عليه

وآله وسلم جا پنهنجو نائب ۽ امام مقرر فرمايو ۽ اهي سڀ برحق آهن ۽ معصوم آهن- پهريون امام علي عليه السلام ۽ انهي اولاد قائم آل محمد عليهم السلام حضرت امام مهدي آخري زمان تائين ڪل ۱۲ امام آهن انهن جو سڀ حڪم بجا آڻڻ اسان تي فرض آهي-

۵- قيامت- قيامت مان مراد هيءَ آهي ته خداوند تبارڪ و تعاليٰ خاڪ مان جسم پيدا ڪندو ۽ روحن کي ان ۾ داخل ڪندو. مومن دين دار بهشت ۾ ويندو ۽ ڪافر بدڪار دوزخ ۾ ويندو. قيامت ڏينهن سڀ جو حساب ڪتاب ٿيندو.

قبر ۾ هرهڪ شخص وٽ حضرت پيغمبر خدا ۽ آئمه اطهار تشريف آڻيندا مومن کي بشارت آساني موت جي ڏيندا. ۽ ڪافر کي ۽ منافق کي شدت عذاب ۽ عقاب جي خبر ڏيندا. ۽ اهڙي طرح بروز قيامت دوستن جي شفاعت، فرمائيندا ۽ دشمنن کي دوزخ ۾ وجهندا.

ٻارهن امامن جا نالا

۱- امام حضرت علي عليه السلام

۲- امام حضرت حسن عليه السلام

۳- امام حضرت حسين عليه السلام

٤- امام حضرت زين العابدين عليه السلام

٥- امام حضرت محمد باقر عليه السلام

٦- امام حضرت جعفر صادق عليه السلام

٧- امام حضرت موسيٰ ڪاظم عليه السلام

٨- امام حضرت علي رضا عليه السلام

٩- امام حضرت محمد تقي عليه السلام

١٠- امام حضرت علي نقي عليه السلام

١١- امام حضرت حسن عسڪري عليه السلام

١٢- امام حضرت مهدي آخرالزمان عليه السلام

ٻارهون امام اڃان تائين زنده آهي مگر خدا جي حڪم سان اسان ماڻهن جي نظر کان پوشيده آهي ۽ ائين زنده رهندا. جڏهن خدا جو حڪم ٿيندو تڏهن

اشتهار

واجب الاظهار- مومنين جي خدمت ۾ التماس آهي ته شهادت حضرت امام حسين عليه السلام سال ٦١ هه ۾ واقع ٿي ان جي يادگار ۾ سال ١٣٦١ هه کان لئبرري يادگار حسيني قائم ڪئي وئي آهي جنهن ۾ مذهبي ڪتاب ڪٺا ڪيا وڃن ٿا هينئر قوم کي هن وسيلي عرض ٿو ڪجي ته هن ڪار خير ۾ هر امير ۽ غريب مومن حصو وٺي ڪتاب وقف ڪري

ڏسو صفحه ٦ تي ليک جي هيٺان

دنيا ۾ ظاهر ٿيندا. ان وقت سڀ ماڻهو هڪ دين ۽ مذهب تي هوندا - ان حال ۾ دنيا ڪيترا ورهہ قائم رهندي.

چوارده معصوم

جناب رسول خدا ۽ جناب فاطمہ زهرا ۽ ٻارهن امام عليہ السلام آهن -

۵:- قيامت يعني هڪ اهو ڏينهن ٿيندو جو سڀ ساه وارا خواه نباتات و جمادات - فنا ٿي ويندا - سواء ذات خدا جي باقي ڪجهہ بہ نہ رهندو نہ آسمان نہ زمين نہ سج، نہ چنڊ پوءِ خدا روحن کي انهن جي بدن ۾ داخل ڪندو ۽ حساب وٺي، نيڪن کي بهشت ۾ ۽ بڇڙن کي دوزخ ۾ موڪليندو.

خوشنودي آئمہ عليہ السلام حاصل ڪري اِي صورت ۾ ڪتابن لاءِ رقم رواني ڪري حڪم ڪيو وڃي تہ سندس نالي ڪتاب خريد ڪري ڪيس اطلاع ڪيو وڃي رسيد بروقت ڏبي ڪتابن يا رقم موڪلڻ جي ايڊريس:- سيڪريٽري لئبرري يادگار حسيني علي آباد اسٽيشن بيگمان جي پوسٽ ڪنڌرا. خادم قوم: مشتاق علي. ڪربلائي آرڊري جنرل سيڪريٽري انجمن علي آباد پوسٽ ڪنڌرا روهڙي

صفات ثبوتي جي خدا ۾ آهن سي اِهي آهن

١- قديم - يعني هو هميشہ کان آهي ۽ هميشہ رهندو.
٢- قادر - يعني هو هر چيز تي قدرت ٿو رکي.
٣- عالم يعني هو هر چيز جو ڄاڻندڙ آهي.
٤- مدرڪ. يعني هو بغير اک ۽ ڪنن وغيرہ جي هر چيز جو دريافت ڪندڙ آهي.
٥- حيّ. يعني هو هميشہ کان زنده آهي ۽ هميشہ زنده رهندو.
٦- مريد. يعني هو سڀڪو ڪم پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان ڪري ٿو.
٧- متڪلم. يعني هو جنهن چيز ۾ گهري اُنهي ۾ ڪلام پيدا ڪري سگهي ٿو.
٨- صادق. يعني هو هر بات ۾ سچو آهي.

صفات سلبيہ جي ڳالهيون خدا ۾ نہ آهن سي اِهي آهن

١- مرڪب نہ آهي - يعني هو ڪنهن بہ چيز سان مليل نہ ٿيو آهي
٢- ڪيس جسم نہ آهي - يعني هو هٿ پير وغيره ٿو رکي ۽ نہ ڊيگهہ، ٿولهہ وغيره اٿس

٣- **هنگي ڪوبہ مڪان نہ آهي** - يعني هن کي رهڻ جي هڪ جڳهہ نہ آهي بلڪ هر جڳهہ موجود آهي اهڙي جڳهہ ڪانهي جا ڪيس گهيرو ڪري وٺي يا هو اُن ۾ سمائجي وڃي.

٤- **حلول نہ آهي** - يعني هو ڪنهن ۾ بہ سمائجي نٿو.

٥- **مرئي نہ آهي** - يعني هو ڏسڻ ۾ نٿو اچي نہ آخرت ۾ ۽ نہ دنيا ۾ ڏسي سگهبو.

٦- **محل حوادث نہ آهي** - يعني هو هڪ حال حال مان ٻي حال ۾ بدلجي نٿو

٧- **سندس شريڪ ڪونهي** - يعني هو ڪوبہ شريڪ نٿو رکي.

٨- **سندس ڪابہ صفت سندس ذات کان الڳہ نہ آهي** - يعني سندس ڪابہ صفت سندس ذات کان الڳہ نہ آهي. بلڪ عين ذات آهي "ذاتت همہ صفات وصفات تو عين ذات"

نامئہ اعمال

يعني بہ فرشتہ خدا جي طرف کان هر شخص تي مقرر آهن. ان جا سڀ چڱا ۽ بڇرا ڪم لکن ٿا هڪ فرشتو چڱا ڪم ٻيو برا ڪم لکي ٿو.

سوال منڪر و نڪير

يعني قبر ۾ مردي کي دفن ڪرڻ بعد ان وقت ٻه فرشتا اچن ٿا ۽ ان مردي جي روح کي بحڪم خدا وري جسم ۾ داخل ڪري پڇن ٿا.

سوال هيٺيان پڇن ٿا	جواب هيٺيان ڏيڻ کپن
تنهنجو خدا ڪير آهي؟	پروردگار!
دين تنهنجو ڪهڙو آهي؟	اسلام!
پيغمبر تنهنجو ڪير آهي؟	جناب محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ والسلام
امام تنهنجو ڪهڙو آهي؟	حضرت امام علي عليہ السلام ۽ سندس ٻارهين امام حضرت مهدي عليہ السلام تاءِ
ڪتاب تنهنجو ڪهڙو آهي؟	قرآن مجيد
قبلہ تنهنجو ڪهڙو آهي؟	ڪعبہ محترم

بس جو شخص ايماندار آهي ۽ انهن ڳالهين جو اعتقاد دل سان رکي ٿو. اهو ٺيڪ ٺيڪ جواب ڏئي ٿو. پوءِ انوقت فرشتا کيس بهشت جي خوش خبري

پڌائي هليا وڃن ٿا ۽ جو شخص انهن ڳالهين جو نيڪ نيڪ جواب نٿو ڏئي انکي فرشته باهه جي گرزن سان مارين ٿا ۽ دوزخ جي خبر ڏئي هليا وڃن ٿا.

حساب

يعني قيامت جي ڏينهن هر ڪنهن شخص جي نيڪي ۽ بدي ڏٺي ويندي. جنهن چڱو ڪم ڪيو هوندو يا ڪو برو ڪم ڪيو هوندو. انجو حساب ڏيندو. پوءِ ان موافق جزا يا سزا پائيندو.

ميزان

يعني بروز قيامت هر شخص جا اعمال خدا جي قدرت جي ترازي ۾ توريا ويندا. جيڪڏهن نيڪ ڪمن جو پاسو باري ٿيندو ته انجو بدلو چڱو ملندو ۽ جنهنجي بڇڙن ڪمن جو پاسو باري هوندو ته انجي سزا ملندي

صراط

هي هڪ پل جو رستو وار کان زياده سنهو ۽ تلوار جي ڌار کان زياده تيز ۽ باه کان وڌيڪ گرم دوزخ جي مٿان قائم ڪيو ويندو انتان سڀني ماڻهن کي لنگهڻو پوندو جي ماڻهو ڪامل ايمان وارا هوندا ۽ انهن خدا ۽ رسول ۽ امامن جي پوري تابعداري ڪئي هوندي اهي مثل هوا جي ان رستي تان لنگهي ويندا ۽ جن ماڻهن انجي خلاف ڪيو هوندو ۽ گمراه رهيا

هوندا. انهنکي ان رستہ تان لنگهڻ مشڪل ٿي پوندو ۽ اهي پوءِ دوزخ ۾ ڪري پوندا.

بهشت

اهڙي پاڪيزه ۽ لطيف آراسته عيش ۽ آرام جي جڳهه آهي آتي ڪنهن به طرح جو ڪو فڪر ۽ غم دک ۽ بيماري ڪانه هوندي. جو ان ۾ داخل ٿيندو سو هميشه جي زندگي حاصل ڪري عيش ۽ آرام سان رهندو.

دوزخ

دوزخ اهڙي سخت عذاب جي جڳهه آهي جو جيترا ايذاءَ يا دک، درد رنج ۽ مصيبتون ۽ آفتون هتي درپيش اچن ٿيون. انهن سڀني کان هزارين بلڪ لکين درجه زياده اتي هميشه جي واسطي موجود هونديون. ان ۾ جيڪو داخل ٿيندو سو هميشه ان سخت عذاب ۾ مبتلا ٿيندو رهندو.

شفاعت

يعني قيامت جي ڏينهن جناب رسول خدا ۽ ان جا اهلبيت اطهار گنهگار بندن جي سفارش ڪندا ۽ جي ماڻهو سندن محبت ۽ تابعداري کان ٻاهر رهيا هوندا. اهي شفاعت کان محروم رهندا ۽ جي تابعدار رهيا هوندا انهنکي خدا بخشيندو.

ڪلمو

لا اله الا الله محمد رسول الله علي ولي الله

الله کانسواءِ ڪوئي خدا نہ آهي - محمد الله جو پيغمبر آهي - علي الله جو ولي آهي؛

وصي رسول الله و خليفتہ بلا فصل

۽ رسول خدا جو وصي (جانشين) آهي ۽ بلا فصل

درود شريف

اللهم صلي علیٰ محمد و آل محمد

اي الله! پنهنجي رسول محمد مصطفيٰ ۽ ان جي اولاد طاهره تي رحمت موڪل.

فروع دين

جاڻڻ گهرجي تہ فروع دين ڇهہ آهن - (١) نماز هر روز پنج وقت ادا ڪرڻ (٢) روزه- ماهہ رمضان ۽ پيا نذر وغيره جا (٣) حج (٤) زڪوات (٥) خمس (٦) جهاد

وقت نماز

هر روز پنج وقت نماز واجب آهي- ١- صبح جي ٻہ رڪعتون ٢- ظهر جي چار رڪعتون ٣- عصر جون چار رڪعتون ٤- شام (مغرب) ٽي رڪعتون ٥- سومهڻي (عشا) جون چار رڪعتون ان نماز جي پڙهڻ جي ترڪيب هيءَ آهي تہ نماز پڙهڻ کان اڳ، هر طرح جي نجاست ۽ گندگي کان جسم ۽

ڪپڙا پاڪ رکيا وڃن ۽ وضو غسل يا ضرورت تي تيمم ڪرڻ ضروري آهي.

وضو جي ترڪيب

پاڪ پاڻي سان پهرئين ٻنهي هٿ ويڙهي (هٿ ۽ ٻانهن جي وچ جو سوڙهو هنڌ آهي) تائين ٻه دفعا ڌوئجن پوءِ ٽي دفعا گرڙيون ڪجن ۽ ان بعد ٽي دفعه نڪ ۾ پاڻي وجهجي. پوءِ وضوءَ جي نيت ڪجي هن ريت ته "وضو ٿو ڪريان رفعه ڪرڻ حدث جي - مباح ٿيڻ نماز جي واجب يا سنت قربتہ الی اللہ" پوءِ نيت سان گڏ هڪ چلو پاڻي (جيڪي سڄي هٿ ۾ ماپي) منهن تي وجهي اهڙي طرح جو پيشاني کان وٺي ڪاڏي جي هيٺ تائين ۽ ويڪرائي ۾ ٻنهي ڪنن جي پاڙ تائين (هڪ يا ٻه دفعه) ڌوئجي هڪ دفعو ڌوئڻ واجب ٻيو دفعو سنت آهي ان بعد سڄي هٿ کي ڪارائي جي ٺوٺو مٿان آڱرين جي چوٽيءَ تائين ڌوئجي - ان کان پوءِ کٻي هٿ کي ٻه اهڙي طرح ڌوئي (اهي ٻه هڪ يا ٻه دفعه) انکان پوءِ سر جو مسح ڪجي يعني ٽي آڱريون ڌارون کان پيشاني جي وارن جي ٻچاڙي تائين جيڪي آڏجن انکان پوءِ سڄي پير جو سڄي هٿ سان ۽ کٻي جو کٻي هٿ سان پيرن جي آڱرين کان مڙن تائين مسح ڪجي -

هٿن ۾ جيڪڏهه منڊيون يا ڇلو هجي ته اهي ڌوئڻ وقت ڦيرائجن. جئين انهن جي اندر به پاڻي وڃي سگهي.

غسل جنابت

ان جون ٻه صورتون آهن ١- سمهندي يا جاڳندي ۾ مني جو نڪرڻ ٢- جماع ڪرڻ وقت انزال ٿئي توڙي نه ٿئي ته به انهن حالتن ۾ غسل ڪرڻ واجب آهي اهڙيءَ غسل ڪرڻ کي غسل جنابت چئجي ٿو. انهيءَ غسل بعد نماز لاءِ وضو ڪرڻ جي ضرورت نه آهي.

انهي غسل ڪرڻ جا ٻه طريقه آهن.

١- غسل ترتيبي ٢- غسل ارتماسي.

غسل جنابت ترتيبي

پهريائين بدن کي نجاست کان پاڪ ڪيو وڃي- ان بعد هيءَ نيت ڪري ته "غسل جنابت ترتيبي ڪريان ٿو آءٌ واسطي رفع ڪرڻ حدث جي ۽ مباح ٿيڻ نماز جي واجب قربة الی الله" ان سان گڏ سر ۽ ڳوڙن کي اهڙيءَ طرح ڌوئي جو نڪ. ڪن ۽ وارن جي پاڙ تائين پاڻي پهچي وڃي. ان کان پوءِ سڄي طرف گردن کان پيرن جي آڱرين تائين بدن جو اڌ اهڙي طرح ڌوئي جو پاڻي اڌ بدن تائين پهچي وڃي. اهڙي طرح کٻي طرف جو اڌ بدن به ڌوئي- جيڪڏهن هٿن پيرن ۾ منڊيون يا ڇلا وغيره هجن ته اهي لاهڻ کپن يا پاڻي وهڻ وقت ڦيرائڻ گهرائجن

جڏهن الهن جي هيٺيان چڱي طرح پاڻي پهچي وڃي.
جيڪڏهن درياهہ يا تلاءُ يا حوض هجي ۽ ان ۾ ڪو
غسل ترتيبي ڪرڻ گهري تہ اول بدن کي نجاست
کان پاڪ ڪري نيت بعد ترتيب وار سر ۽ ڪردن
۽ سڄي طرف واري اڌ بدن ۽ پوءِ کٻي طرف جي
اڌ بدن جي طرف غوطہ لڳائجي ۽ هٿ سان صفائي
ڪندو رهجي. ٣-٣ دفعہ سر ۽ گردن، سڄو ۽ کٻو
اڌ بدن اڳـــ ۽ پٺ تورڻ بهتر آهي

غسل جنابت ارتماسي

پهريائين بـدن جي نجاست دور ڪرڻ کپي ان
بعد نيت ڪري تہ "غسل جنابت ارتماسي ڪريان
ٿو واسطي رفعہ ڪرڻ حدث جـي ۽ مباح ٿيڻ نماز
جي واجب قربتہ الي الله" پوءِ فورن ٽٻي هڻڻ کپي
جڏهن سڄو بدن يڪدم تر ٿي وڃي.

عورتن جو غسل

عورتن کي غسل جنابت کان سواءِ ٽي ٻيا بہ غسل
ڪرڻا آهن مگر الهن ۾ غسل بعد وضو بہ ڪرڻو آهي
١- حيض ٢- نفاس ٣- استحاضہ.

حيض:- عورتن کـي بلوغت کان بعد هر مهنہ خون
گهڻو ڪري سياهہ گـرمـي سان ٣ ڏينهن کان
گهٽ نہ ۽ ڏهن ڏينهن کان وڌ نہ ايندو آهي ان
کي حيض چون ٿا ان جي بعد ٿيڻ بعد غسل واجب آهي

نفاس:- ٻار پيدا ٿيڻ بعد ٻن روزن يا ڏهن ڏينهن تائين خون ايندو آهي انکي "نفاس" چئجي ٿو اهو جڏهن بند ٿئي تڏهن يڪدم تڙ ڪرڻ واجب آهي - ان بعد روزو - نماز تي عمل ڪرڻ گهرجي حيض ۽ نفاس جي زماني ۾ نماز معاف آهي . باقي پاڪ ٿيڻ بعد روزه جي قضا لازم آهي .

استحاضه:- جو خون حيض ۽ نفاس کان سواء بيماري طور گهڻو ڪري زردي مائل ٿلهو ۽ رقيق غير مقرر زماني تائين ايندو آهي انکي "استحاضه" چوندا انجون وري ٣- حالتون آهن - ١ قليله (ٿورو) ٢- متوسط (وچولو) ٣- ڪثيره (گهڻو)

قليله:- جڏهن خون سان ڪپهه نه ٻڏجي ته نماز جا پنجئي وقت ڪپهه بدلائجي طهارت ڪجي ۽ وضو ڪندو هجي .

متوسطه:- جڏهن ڪپهه جو سمورو ٻڏو خون سان ٻڏجي وڃي ته ڪپهه بدلائجي طهارت ڪجي ۽ صبوح جي وقت تڙ ڪرڻ واجب آهي.

ڪثيره:- جڏهن خون گهڻو ايندو هجي جو ڪپهه کان ٻه ٻاهر نڪري وڃي ته پوءِ ڪپهه بدلائجي - طهارت ڪرڻ ۽ غسل نماز صبوح ، غسل نماز ظهرين ۽ غسل نماز مغربين واجب آهي - نه ته

نماز ۽ روزه مٿين ترڪيب کان سواءِ ناجائز آهي - هاڻ جيڪڏهن غسل نقصان ڪري ته غسل بدران تيمم ڪرڻ کپي.

تيمم

جيڪڏهن پاڻي نقصان ڪري يا نه ملندو هجي يا غصبي هجي ۽ وقت، نماز جو تنگ، هجي ته غسل يا وضو بدران تيمم ڪرڻ گهرجي. پهريائين نيت ڪجي ته "تيمم ڪريان ٿو بجائي غسل يا وضو جي واسطي مباح هجڻ نماز جي واجب قربة الي الله" ان بعد ٻئي هٿ هڪ دفعه زمين يا مباح مٽي تي هڻي ان بعد ٻئي هٿ ملائي مسح پيشاني جو ڪري جتان وار پيدا ٿين ٿا - ويندي نڪ تائين سڄي پيشاني ۽ ٻنهي طرفن جا پڙون مسح جي گهيري ۾ اچي وڃن. ان بعد کٻي هٿ سان سڄي هٿ جي پٺي تي ويڻي کان آڱرين جي چوٽي تائين مسح ڪجي. اهڙي طرح کٻي هٿ جي پٺي تي ويڻي کان آڱرين جي چوٽي تائين سڄي هٿ سان مسح ڪجي هٿ ۾ منڊي يا ڪو ڇلو هجي ته اهو لاهڻ کپي - واضح هجي ته مرد هٿ ڌوئي ته ٻانهن جي پٺ اول ڌوئي يعني ٺونٺ وارو پاسو. عورت ڌوئي ته ٺونٺ وارو پوءِ اول ٻيو پاسو.

* اذان

وضو ڪان پوءِ جڏهن نماز جو قصد ڪجي ته تڏهن پهريائين با آواز بلند چار مرتبه :-

الله اڪبر وري ٻه دفعہ اشهد ان لا الہ الا الله

ترجمو :-

الله وڏو آهي - گواهي ٿو ڏيان ته تحقيق ڪوئي خدا ڪونهي سواءِ الله جي -

وري ٻه دفعہ اشهد آن محمد رسول الله

ترجمو :-

شاهدي ٿو ڏيان ته تحقيق محمد الله جو رسول آهي.

وري ٻه دفعہ

اشهد ان أمير المومنين وامام المتقين عليًا ولي الله

ترجمون :-

گواهي ٿو ڏيان ته تحقيق علي مومن جو امير متقين جو امام الله جو ولي آهي

وصي رسول الله و خليفتہٗ بلا فصل

ترجمون :-

۽ رسول الله جو وصي آهي ۽ خليفہ بلا فصل آهي

وري ٻه دفعہ حي على الصلوات

ترجمون :-

نماز لاءِ تيار ٿيو

*نوٽ:- عربي سٽن کي زبرون زيرون ڏئي پڙهڻ گهرجي

ٻ دفعه حي على الفلاح

ترجمو :-

ڇوٽڪاري جي طرف آماده ٿيو

وري ٻ دفعه حي على خير العمل وري ٻ دفعه الله اڪبر

ترجمو :-

بهترين عمل لاءِ آماده ٿيو الله بزرگ آهي

وري ٻ دفعه لا اله الا الله

ترجمو :-

ڪوبه ڪو خدا سواءِ الله جي

ان بعد ويهي رهي ۽ هيءَ دعا پڙهي

دعا بعد اذان جي :

اللهم اجعل قلبي باراً وعيشي قاراً وعملي ساراً ورزقي داراً واولادي ابراراً واجعل لي عند قبر نبيك محمد صلي الله عليه وآله مستقراً وقراراً برحمتك يا ارحم الراحمين

اقامت

دعا پڙهڻ بعد هن ريت اقامت چئجي. الله اڪبر ٻ دفعه پيا سڀ ارڪان اذان جي طرح پڙهڻ باقي حي علي خير العمل کان پوءِ ٻ دفعه قد قامت الصلواة کي زياده ڪجي ۽ لا اله الا الله هڪ دفعه چئي پوءِ نماز شروع ڪجي.

ترڪيب نماز

اقامت بعد قبله جي طرف منهن ڪري سڌو ٿي بيهجي ۽ نيت ڪجي ته ”

نماز پڙهان ٿو/ٿي (مثلا) صبوح جي ٻه رڪعت واجب قربته الي الله“ پوءِ الله اڪبر با آواز بلند چوي ان ڪانپوءِ سوره حمد بسم الله سان پڙهي

بسم الله الرحمان الرحيم

ترجمون :-

آءٌ الله جي نالي سان شروع ٿو ڪيان جو وڏو رحمان ۽ رحيم آهي

الحمد الله رب العالمين الرحمان الرحيم

ترجمون :-

الله پاڪ جو حمد آهي جو رب آهي ۽ رحمان به آهي ۽ رحيم به آهي

مالڪ يوم الدين

ترجمون :-

۽ قيامت جي ڏينهن جو مالڪ آهي

اياڪ نعبد و اياڪ نستعين اهد نا الصراط المستقيم

ترجمون :-

تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا. ۽ تو کان ئي مدد گهرون ٿا. اسان کي راه مستقيم جي هدايت ڪر

صراط الذين انعمت عليهم غيرالمغضوب عليهم ولاالضالين ٥

ترجمو :-

۽ انهن ماڻهن جي جن تي تو پنهنجي نعمت نازل فرمائي - نہ انهن ماڻهن جي راه جن تي تو پنهنجو غضب نازل ڪيو ۽ اهي ماڻهو گمراه آهن .

الحمد بعد اختيار آهي تہ ٻي سوره جيڪا وڻي سا پڙهي

بسم الله الرحمان الرحيم

ترجمو :-

آءُ الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جو وڏو رحمان ۽ رحيم آهي .

انا انزلناه في ليلت القدر. و ما ادراک ما

ترجمو :-

تحقيق اسان قرآن کي شب‌قدر ۾ نازل ڪيو. ڀيا ٿا ڄاڻن تہ

ليلت القدر ٥ ليلت القدر ٥ خير من الف شهر.

ترجمو :-

شب قدر ڪهڙي آهي شب قدر بهتر هزار مهنن کان

تنزل الملائکت والروح فيها باذن ربهم

ترجمو :-

نازل ٿين ٿا ملائک ۽ روح پنهنجي پروردگار جي حکم سان

هن ڪل امر سلام طهي حتى مطلع الفجر.

ترجمو:-

اها رات (عابدن لاءِ) هر امر ۾ سلامتي واري آهي - ايستائين جو صبوح طلوع ٿئي -

پوءِ الله اڪبر چئي رڪوع ۾ وڃي ٽي دفعہ

سبحان ربي العظيم وبحمده چوي

ترجمو:-

يعني تسبيح ڪريان ٿو آءٌ پنهنجي پروردگار جي ۽ حمد انجو

پوءِ سڌو ٿي بيهي سمع الله لمن حمده.

ترجمو:-

يعني خداوند عالم انجو ڪلام سڻي ٿو جو سندس حمد ڪري ٿو

پوءِ الله اڪبر چئي سجدي ۾ وڃي ٽي دفعہ سبحان ربي الاعلىٰ وبحمده چئي

ترجمو:-

تسبيح ڪريان ٿو پنهنجي پروردگار جي جو سڀ کان وڏو آهي ۽ حمد انجو

ان بعد هٿوهٽي ڪٽي ۽ الله اڪبر چئي ويهي ۽ هڪ دفعہ استغفر الله ربي واتوب اليہ چوي

ترجمو :-

بخشش گهران ٿو پنهنجي پروردگار کان پنهنجي گناهن جي ۽ رجوع ڪريان ٿو انجي طرف

پوءِ وري الله اڪبر چئي ٻيهر سجدي ۾ وڃي ۽ ٽي دفعہ :-

سبحان ربي الاعلیٰ وبحمده چئي

ترجمو :-

تسبيح ڪريان ٿو پنهنجي پروردگار جي جو سڀ کان وڏو آهي ۽ حمد انجو.

سر سجدي مان ڪڍي ۽ الله اڪبر چئي ويهي ان بعد :-

بحول الله و قوته اقوم و اقعد چئي اُٿي کڙو ٿئي

ترجمو :-

ان الله جي مدد ۽ قوت سان ويهان ٿو ۽ اٿان ٿو پهرين رڪعت پوري ٿي - ٻي رڪعت پهرين رڪعت وانگر پڙهي يعني :-

بسم الله الرحمان الرحيم چئي

سوره حمد پڙهي - ان کان پوءِ ٻي سوره قل هو و الله پڙهي -

بسم الله الرحمان الرحيم

قل هو الله احد ○ الله الصمد ○ لم يلد ○ و لم يولد ○
و لم يكن له كفوا احد ○

ترجمون :-

چؤ اي (رسول) ته الله هڪ آهي ۽ بي نياز آهي- ڪوئي ان مان پيدا نه ٿيو آهي ۽ نه هو ڪنهن مان پيدا ٿيو آهي- نه ۽ ڪوئي سندس مثل آهي يڪتا

ان بعد ٽي دفعه ڪذالڪ الله ربي چئي ٻئي هٿ سڌا ڪري مٿي ڪٽي منهن برابر ڪري ۽ هٿن جو منهن آسمان ڏي ڪري هٿن جي طرف ڏسجي ۽ دعا قنوت پڙهجي

اللهم اغفر لنا وارحمنا وأعفنا واعف عنا

ترجمون :-

پروردگار! اسانجي ۽ سڀني مومنن جي بخشش ڪر

في الدنيا ولا خرت انك علىٰ كل شيءٍ قدير ○

ترجمون :-

۽ دنيا ۽ آخرت ۾ عافيت عطا فرماءِ- تحقيق

تون هر چيز تي قدرت رکڻ وارو آهين.

ان بعد درود :-

اللهم صل علىٰ محمد وآل محمد

ترجمون :-

پڙهي مثل ٻهرين رڪعت جي رڪوع ۽ ٻه سجده ٻجا آڻين پوءِ سجدي مان سر کڻي الله اڪبر چئي دوزانو ٿي ويهي تشهد پڙهي

تشهد

أَشْهَدُ أَنْ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ

ترجمو :-

گواهي ٿو ڏيان ته ڪوئي خدا سواءِ الله جي ڪونهي جو هڪ آهي ۽ انهيءَ کي شريڪ نه آهي

وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

ترجمو :-

۽ گواهي ٿو ڏيان ته محمد مصطفيٰ (صلي الله عليه آله و سلم) انهيءَ بندو ۽ رسول آهي.

ان بعد وري درود پڙهي سلام پڙهي نماز پوري ڪري (جي نماز ٻن رڪعتن واري آهي ته)

سلام

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَ رَحْمَةُ اللّٰهِ وَ بَرَكَاتُهٗ

ترجمو :-

اي پيغمبر خدا جا! اوهان تي سلام هجي ۽ الله جون رحمتون ۽ برڪتون (هجن)

اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَ عَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ الصَّالِحِيْنَ

ترجمو :-

سلام هجي اسان تي ۽ خدا جي نيڪ بندن تي ۽
السلام عليكم و رحمة الله وبركاته
ترجمو :-
سلام هجي سڀ مٿان ۽ الله جي رحمت ۽ برڪت
جيڪڏهن نماز ٣ٽن رڪعتن واري هجي يا ٤چئن رڪعتن واري ته سلام نه پڙهي ۽ تشهد پڙهي - اٿي کڙو ٿئي پوءِ ٽين يا چوٿين رڪعت ۾ فقط الحمد يا ٣ دفعہ تسبيحات اربعہ پڙهي (سبحان الله والحمد لله ولا اله الا الله والله اكبر استغفر الله پوءِ رڪوع ۽ سجود پهرين ٻن رڪعتن وانگر بجا آڻي. پوءِ تشهد ۽ سلام پڙهي نماز پوري ڪري ان بعد ٣ دفعہ الله اكبر چوندو رهي ۽ ڪنن تائين هٿ آڻيندو رهي ان بعد درود پڙهي ۽ تسبيح جناب سيده پڙهي (٣٤ - دفعہ الله اكبر - ٣٣ - الحمد لله ۽ ٣٣ - دفعہ سبحان الله) ۽ هڪ دفعہ لا اله الا الله ان بعد دعائون وغيره پڙهي ۽ بواسطہ پنجتن پاڪ ۽ دوازده امام برادران مومن زنده ۽ مرده لاءِ دعا خير گهري ۽ پنهنجون حاجتون طلب ڪري - ان بعد زيارت امام حسين عليہ السلام جي روضہ اقدس طرف اشارو ڪري پڙهي - ننڍي زيارت هيءَ آهه
السلام عليك يا ابا عبدالله - السلام عليك يا ابن رسول الله
السلام عليك و رحمة الله و بركاته

واضح هجي ته صبح جون ٢ رڪعتون ظهر جون چار رڪعتون ۽ عصر جون چار رڪعتون مغرب جون ٽي ۽ عشا جون چار رڪعتون فرض آهن - ان کان سواءِ نوافل سنت جدا آهن - واضح هجي ته نماز ۽ دعا بعد سجده شڪر هيٺين ريت بجا آڻجي پهرياءِ سجده ۾ وڃي ٣ دفعه چئجي "اني ظلمت نفسي فاغفرلي فانه لا يغفر الذنوب غيرڪ يا مولائي ان بعد يا رب يا رب چوندو رهي يڪي ساهي دم کڻڻ بعد سڄو ڳل مهر تي رکي چئجي يا الله يا رباه يا سيداه ٣ دفعه اهڙي طرح کٻو ڳل به پوءِ پيشاني سجده تي رکي سوَ دفعه شڪرن شڪرن چئي آڻي کڙو ٿجي ۔

ڪهڙن حالتن ۾ وضو ٽٽي ٿو

١- پيشاب ٢- پاخانه ٣- ريح نڪرڻ ٤- سمهڻ سبب جنهن ۾ ننڊ اچي وڃي ٥- اها شي ڪتب آڻي جيڪا عقل کي زائل ڪري - جا شراب وانگر هجي وغيره ٦- حيض ٧- نفاس ٨- استحاضه ٩- مرده جي غسل کي هٿ لائڻ ١٠- وضو ڪرڻ ۾ شڪ هجي ته ١١- يقين رکي ته حدث ٿيو آهي يعني وضو ٽٽو آهي - مگر وضو ڪرڻ ۾ شڪ هجي ته

ڪهڙن حالتن ۾ نماز باطل ٿئي ٿي .

١- بغير وضوءِ تيمم يا غسل جي نماز پڙهڻ ٢- نماز پڙهندي ايتري چپ ٿي وڃي جو ڏسڻ وارو سمجهي

ته نماز ڪوڙو پڙهي ٣- عمدا کلي يا ٺهڪ ڏئي ٤- رڙ نکري وڃي ٥- سواءِ تقيه جي هٿ ٻڌي نماز پڙهڻ ٦- قبله کان رخ ڦيرڻ ٧- ڳالهائڻ ٨- روئڻ واسطي دينوي ڪم جي خوف خدا کان يا غم سيدالشهدا ۾ نماز باطل نه ٿي ٿئي ٩- بغير تقيه جي سوره الحمد کان پوءِ آمين چوڻ ١٠- نماز پڙهندي کجهه کائڻ يا پيئڻ ١١- جاڳي واڳي واجبات نماز ترڪ ڪرڻ - ڇهڙوڪ سوره تسبيحات اربع وغيره ١٢- ڪنهن رڪن جاڳي واڳي يا بي خبري ۾ گهٽ يا وڌ ڪرڻ جهڙوڪ رڪوع ۽ سجود وغيره ١٣- انهن صورتون شڪ جون جن سان نماز باطل ٿئي ٿي - انهن جو بيان هيٺ ايندو ١٤- مڪان ۽ لباس غصبي سان نماز پڙهڻ - واضح هجي ته نماز ٽوڙڻ ڪنهن به حالت ۾ جايز نه آهي - مگر ڪن موقعن تي جهڙوڪ نانگ وڇون يا خوفناڪ جانور قريب ايندو هجي يار کوه ۾ ڪري يا چور اسباب نماز جو چورائيندو هجي مطلب ته اهڙي اضطرار جي حالت ۾ جايز آهي.

شڪ جون اُن صورتون جنهن ۾ نماز باطل ٿئي ٿي جنهنڪري نماز ٺهين سر پڙهڻي آهي.

١- سڀني نمازن ۾ پهرين ٻن رڪعتن جي پڙهڻ ۾ شڪ هجي ته نماز باطل ٢- ٻه رڪعتي نماز ۾ شڪ هجي ته جيئن نماز مغرب ٣- ٽي رڪعتي نماز

۾ شڪ هجي ته پهرين هئي يا ٻي ، پهرين هئي يا ٽين ۽ پهرين هئي يا چوٿين يعني ڪا به ٻي رڪعت پهرين سان شامل هجي ۴- چو رڪعتي نماز ۾ ته ٻي رڪعت هئي يا ٽين - هئي يا چوٿين ۵- چو رڪعتي نماز ۾ شڪ پوي ته ٻي رڪعت هئي يا پنجين ته نماز باطل ٦- چو رڪعتي نماز ۾ شڪ ته ٽين رڪعت هئي يا ڇهين ٧- چورڪعتي نماز ۾ ته چوٿين هئي يا ڇهين ته به نماز باطل ٨- جيڪڏهن ڪنهنکي عدد نماز ۾ شڪ هجي ته مون الائي .ڪيتريون رڪعتون پڙهيون ته نماز باطل -

روزه رمضان

ماه رمضان جي پوري مهني جا روزه (سڀ ٢٩ يا ٣٠) هر مرد ۽ عورت تي واجب آهن جڏهن بالغ هجن - عورت ٩ ورهين ۾ بالغ ٿئي ٿي ۽ مرد ١٥ ورهين ۾ بالغ ٿئي ٿو - روزه صبح صادق کان اول شروع ٿئي ٿو وري جڏهن شام جو سج لهڻ وقت سرخي غائب ٿي وڃي ۽ سياهي نظر اچي ان وقت روزه ختم ٿئي ٿي

روزه جي نيت

پهرين رات سڄي مهني جي هيئن ريت نيت ڪجي "روزه رکندس آءٌ ساري مهني رمضان جا اداء لوجوبه قربة الي الله" مگر بهتر آهي ته هر شب

جدا جدا نيت ڪندو رهي ۽ گرم پاڻي سان افطار ڪرڻ بهتر آهي ۽ افطار ڪرڻ وقت سوره الحمد ۽ انا انزلنا جي بعد هي دعا پڙهي:-

"اللهم لڪ صمت وعلي رزقڪ افطرت وعليڪ توڪلت وبڪ اشتمين

احڪام ذبح

جانور کي مسلمان ذبح ڪري- مرد هجي توڙي عورت- بالغ هجي توڙي نابالغ- طاهر هجي يا نجس- قبله طرف منهن ڪري لوهه جي تيز هٿيار سان ذبح ڪرڻ وقت بسم الله الله اڪبر والله اڪبر ٣ دفع چوي بلڪ هيستائين رڳ نه ڪٽجي انوقت تائين پڙهندو رهي

طريقہ فاتح

اول ۽ آخر ٣ دفع درود ۽ سوره حمد پڙهي- هن طرح چوي ته "هن جو ثواب فلاڻه امام جي هديه ڪم انجي عيوض ۾ جو ثواب حاصل ٿئي ان جو ثواب مون فلاڻي شخص جي روح کي بخشش ڪيو سواء مومن جي ٻئي جي فاتح بدعت ۽ ناجائز آهي- مثل شيخ وغيره

سجده سهو

اول نيت ڪري "سجده سهو ڪريان ٿو فلاڻه شڪ جي قربته الي الله" پوءِ الله اڪبر چئي سجده نماز وانگر ٻه آڻي مگر سجدن ۾ ذڪر ڪري

"بسم الله وبالله صلي الله علي محمد و آل محمد" ٻئي سجده ڪري ويهي ۽ تشهد پڙهي ۽ سلام ۾ صرف آخري سلام السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته - چوي

سجده سهو جي باري ۾ شڪ

ظن غالب ۽ وهم جو بيان

مثلاً ڪنهن رڪعت ۾ سجدن لسبت گمان غالب هجي ته هڪ سجده ترڪ ٿي ويو آهي - ۽ ٿورو شڪ ته ٻئي سجده ڪيل آهي ته هڪ سجده ترڪ تسليم ڪيو ۽ حڪم سهوَ تي عمل ڪبو ۽ جي گمان غالب آهي ته ٻئي سجده ڪيل آهن ۽ ٿورو شڪ ته هڪ سجده ڪيل آهي ته ٻئي سجده ڪيل تسليم ڪبا ۽ نماز صحيح ٿيندي.

واضح هجي ته جنهن شڪ ۾ پورو اعتبار نه هجي ته نماز صحيح آهي -

نوٽ

دينيات جو ٻيو ڪتاب به تيار ڪيل آهي ازانسواء چوڏهن معصومن جي زندگي حالات پڻ تيار ڪرڻ جو ارادو آهي انهن مان ڪجهه ته تيار به ڪيل آهن جي مومنن جو شوق ڏٺو ويو ته انهن جي ڇپائڻ جو به جلد بندوبست ڪيو ويندو.

مشتاق - علي آبادي ڪربلائي

اسباب تنگدست ۽ افلاس

يعني جن حالتن جي ڪري نياڳائي ۽ سڃائي حاصل ٿئي ٿي -

١- بيٺي پيشاب ڪرڻ ٢- رات جو ٻهاري ڏيڻ ٣- ترڪڙي نماز پڙهڻ ٤- پيشاب ڪرڻ واري جاء تي وضو ڪرڻ ٥- ڦوڪ سان بتي يا ڏئو وسائڻ ٦- رزق کي گهٽ سمجهي ان جي عزت نه ڪرڻ ٧- دامن يا ڪپڙي جي آستين سان منهن اگهڻ تڙ جي جاء تي پيشاب يا ڏندڻ ڪرڻ ٩- ٿوم ۽ بصر جون کلون ساڙڻ ١٠- قبر تي زياده ويهڻ ١١- چوڪاٺ تي ويهڻ ١٢- ٻڪرين جي ڌڻ وچان لنگهڻ ١٣- ڏندن سان ننهن لاهڻ ١٤- حرص ظاهر ڪرڻ ١٥. فقيرن سان بي توجهي ڏيکارڻ - ١٦- قلم جي ڪلن تي پير رکڻ ١٧- مڪڙي يا ڪوريئڙي جو ڄار گهر ۾ رکڻ ١٨- ناپاڪي جي حالت ۾ کائڻ پيئڻ ١٩- بيٺي ڦڻي ڏيڻ ٢٠- گند گهر ۾ رکي ڇڏڻ ٢١- ڪوڙا قسم کڻڻ ٢٢- زنا ڪرڻ ٢٣- سج لٿي ۽ سومهڻي جي وچ ۾ سمهڻ ٢٤- ڪوڙ ڳالهائڻ ٢٥- ڳائڻ وڄائڻ ٣٦- عزيزن سان بدي ڪرڻ ٢٧- پاڻي رات جو کليو رکڻ ٢٨- خرچ انداز کان وڌيڪ ڪرڻ.

اسباب خير و برڪت

يعني جن حالتن جي ڪري نيڪي رسي ۽ بلند بختي حاصل ٿئي ٿي.

۱- دستر خوان ۾ جيڪي داڻا پون سي چونڊي ادب سان کائڻ ۲- خدا جو شڪر ڪرڻ ۳- سچ ڳالهائڻ ۴- وضو سان سمهڻ ۵- خيانت کان بچڻ ۶- گهڻي استغفار پڙهڻ ۷- صبح جو روزگار جي خيال سان نڪرڻ ۸- مومنن جي حاجت روائي ڪرڻ ۹- گهر صاف رکڻ ۱۰ صفائي سان رهڻ ۱۱- ڌيئرن ۽ والدين سان احسان ڪرڻ ۱۲- بعد نماز دعائون پڙهڻ ۱۳ تلاوت قرآن ڪرڻ ۱۴- پاڪائي سان رهڻ ۱۵- صبح جي وقت سوره ياسين ۽ تبارڪ الذي ۽ عشا جي وقت سوره واقع پڙهڻ ۱۶- نماز پنجگانه باخشوع و خضوع پڙهڻ ۱۷- سج لهڻ کان اڳ بتي ٻارڻ ۱۸ مسجد ۾ اذان ڏيڻ ۱۹ مسجدن ۾ جهاڙو ڏيڻ ۲۰ نماز ظهر ۽ عصر - مغرب ۽ عشا ملائي پڙهڻ ۲۱ صبح ۽ عصر تعقيبات پڙهڻ ۲۲- امانت ۾ خيانت نه ڪرڻ ۲۳- موذن جي الفاظ چوي اهي پاڻ چوي ۲۴- پاخانه ۾ ڳالهيون نه ڪرڻ ۲۵- طلب دنيا ۽ حرص نه ڪرڻ ۲۶- هٿ ڌوئي ڪاڌو کائڻ ۲۷- اهي ڪم جي پريشاني جو سبب آهن اهي نه ڪرڻ ۲۸. تمام سويل اٿڻ ۲۹- ياقوت يافيروزه جي منڊي پائڻ ۳۰- مومن زنده يا مئل لاء دعا گهرڻ ۳۱- زڪوات ڏيڻ ۳۲- مجلس عزا ۽ ڪار خير ۾ خرچ ڪرڻ.

مرد ۽ عورتن جي نماز ۾ فرق

عورت	مرد
سڀ نماز پوري آهسته آهسته پڙهڻ گهرجي	١- صبح - مغرب - عشا جون ٻه رڪعتون ذڪر رڪوع ۽ سجده وغيره آواز بلند بسم الله سميت پڙهي باقي آهسته.
ٻنهي هٿن کي قيام ۾ سيني تي رڪوع ۾ گوڏن کان مٿي ۽ سجدي ۾ منهن جي سامهون زمين ۽ بدن کي ملائي رکي. يا مردن وانگر هٿ کولي	٢- ٻنهي هٿن جون آڱريون ملائي حالت قيام ۾ رانن تي رڪوع ۾ گوڏن تي سجدي ۾ ٽوڻيون منهن جي سامهون بگهيون ڪري قبلائي رکي
ٻئي پير گڏيل هجن	٣- بحالت قيام ٻن پيرن جو مفاصلو ٣ آڱريون کان گهٽ نه ۽ گراٽ کان وڌيڪ نه هجي.
ٻئي گوڏا اڀا ڪري - چتڙن تي ويهي	٤- دو زانو ويهي ٻئي پير ٻاهر ڪڍي سڄي پير جي پٺ کٻي پير جي تري سان ملائي رکي.
پهريائين ڏئي پوء سجدي ۾ وڃي.	٥- سجده ۾ وڃڻ وقت پهريائين هٿن کي زمين تي رکي.

التماس ١٧ مارچ ١٩٥٣ع

مومنين باتمڪين و ناظرين صادق اليقين جي خدمت ۾ التماس آهي ته نيازمند گذريل فيبروري مهني کان هن ڪتاب جي ڇپائي لاءِ حيران ۽ سرگردان رهيو آهي ڇو جي تڪليفون ۽ مشڪلاتون انهيءَ وچ درپيش آيون آهن جني، بلاڪ وغيره جي هٿ ڪرڻ ۾، جو جيڪر ڪو ٻيو بي تجربه ڪار انسان هجي ها ته دل شڪسته ٿي ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڪري هليو وڃي ها پر نيازمند سمجهي ٿو ته نيڪ ڪمن ۾ آزمائشون ٿينديون آهن تنهنڪري استقلال کان ڪم وٺي ڪاميابي حاصل ڪئي وئي آهي اميد ته بحق آل محمد عليهم السلام آئنده تڪليف پڻ معاف رهندي ۽ اهو مصمم ارادو ڪيو ويو آهي ته جي جيڪي خرچ ڪيو ويو آهي سو وري به مسلسل مذهبي ضروري ڪتابن تي خرچ ڪبو فقط مومن همدردي ڪري مذهبي احساس رکي آهي ايمان افروز ڪتاب خريد ڪندا رهن پي مدد ڪارهن چوڻهن ڪندا انشاالله تعالیٰ خداانخواسته اها مدد نه ٿي ته آخر ۾ آهي پيسا ڪنهن نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪري ڇڏبا

والسلام

مشتاق

هي ڪتاب پنجتني اماميه اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس
اسٽيشن روڊ حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو
۽
مشتاق - علي آبادي علي آباد پوسٽ ڪنڊ را
اسٽيشن بيگمان جي مان شايع ڪيو.